SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXX مجريه 1994

# SINDH ACT NO.XXX OF 1994

# فاريسٽ ايڪٽ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1994

# THE FOREST ACT (SINDH AMENDMENT) ACT, 1994

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعه 26 جي ترميم
Amendment of section 26 of Act XVI of 1927

3. 1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعه 33 جي ترميم
Amendment of section 33 of Act XVI of 1927

4. 1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعه 42 جي ترميم
Amendment of section 42 of Act XVI of 1927

5. 1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعه 63 جي ترميم
Amendment of section 63 of Act XVI of 1927

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXX مجريہ 1994
# SINDH ACT NO.XXX OF 1994
# فاريسٽ ايڪٽ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1994
# THE FOREST ACT (SINDH AMENDMENT) ACT, 1994

[16 جنوري 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ فاريسٽ ايڪٽ، 1927 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ فاريسٽ ايڪٽ، 1927 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي فاريسٽ ايڪٽ (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعہ 26 جي ترميم
Amendment of section 26 of Act XVI of 1927

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ فاريسٽ ايڪٽ، 1927 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو ان جي دفعہ 26 ۾:

(i) ذيلي فعہ (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ ڪو شخص جيڪو محفوظ ٻڌايل جهنگ،

ڪاٺ، وڻ يا جهنگلي پيداوار جنهن جو ملهه ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ آهي، ان سلسلي ۾ ڪو ڏوهه ڪري ٿو ته ان قيد جي سزا جو اهل هوندو، جيڪا چار سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ويهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي؛ بشرطيڪ وڌيڪ ته ملڪيت جو نقصان، جنهن جي سلسلي ۾ ڏوهه ڪيو ويو آهي:

(a) ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ نه آهي، قيد جي سزا جو عرصو ڇهه مهينن کان گهٽ نه هوندو ۽ ڏنڊ ٽي هزار رپين کان گهٽ نه هوندو؛

(b) ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ هجي پر ويهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي، قيد جي سزا ڇهه مهينن کان گهٽ نه هوندي ۽ ڏنڊ ڏهه هزار رپين کان گهٽ نه هوندو؛

(c) پنجويهه هزار رپين کان وڌيڪ هجي، قيد جي سزا هڪ سال کان گهٽ نه هوندي ۽ ڏنڊ پندرنهن هزار رپين کان گهٽ نه هوندو؛

بشرطيڪ اهو به ته ڏنڊ جيڪي مٿي ڄاڻايل ڏنڊن جي پيرن تي آهن، اهي تڏهن لڳايا ويندا جڏهن ڏوهه سچ لهڻ ڪانپوءِ ۽ سچ اپرڻ کان اڳ ڪيو ويو آهي يا جوابدار ساڳئي قسم جي ڏوهه ۾ اڳواٽ سزايافته آهي.".

(ii) ذيلي دفعه (3) ڪانپوءِ، هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

"(4) جهنگ جي پيداوار جو سمورو ڪاٺ، وڻ جن جي سلسلي ۾ ڏوهه ڪيو ويو آهي ڪنهن اوزار، گاڏي، ويگن يا ٻي ڪنهن گاڏي سان يا اهڙي ڏوهه ڪرڻ ۾ جيڪا شئي

استعمال ڪئي وئي آهي، اها ضبط ڪئي ويندي؛
(5) عدالت کي حاصل ڪيل ڏنڊ مان ڏوهہ جي معلومات ڏيندڙ ڪنهن شخص يا ڏوهاري کي گرفتار ڪرائڻ ۾ مدد ڪندڙ کي انعام جاري ڪرڻ جو اختيار هوندو.
(6) حڪومت طرفان حددخلي يا تعمير هٽائڻ يا ڊاهڻ تي ڪيل خرچ، جيڪڏهن ڪا هجي جيڪا ڏوهہ ۾ شامل هجي، اهو خرچ الزام هيٺ آيل شخص کان ليند روينيو جي رهتن جي مد ۾ وصول ڪيو ويندو.".

1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعہ 33 جي ترميم
Amendment of section 33 of Act XVI of 1927

3. ڇاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 33 ۾:
(i) ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:
"بشرطيڪ ڪو شخص جيڪو محفوظ ٻڌايل جهنگ، ڪاٺ ديال، وڻ يا جهنگلي پيداوار جنهن جو ملهہ ڏهہ هزار رپيين کان وڌيڪ آهي، ان سلسلي ۾ ڪو ڏوهہ ڪري ٿو تہ ان قيد جي سزا جو اهل هوندو جيڪا چار سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ويهہ هزار رپيين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي؛
بشرطيڪ وڌيڪ تہ ملڪيت جو نقصان، جنهن جي سلسلي ۾ ڏوهہ ڪيو ويو آهي:
(a) ڏهہ هزار رپيين کان وڌيڪ نہ آهي، قيد جي سزا جو عرصو ڇهہ مهينن کان گهٽ نہ هوندو ۽ ڏنڊ تي هزار رپيين کان گهٽ نہ هوندو؛
(b) ڏهہ هزار رپيين کان وڌيڪ هجي پر ويهہ هزار رپيين کان وڌيڪ نہ هجي، قيد جي سزا ڇهہ مهينن کان گهٽ نہ هوندي ۽ ڏنڊ ڏهہ هزار رپيين کان گهٽ نہ

هوندو؛

(c) پنجويهه هزار رپين کان وڌيڪ هجي، قيد جي سزا هڪ سال کان گهٽ نہ هوندي ۽ ڏنڊ پندرنهن هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو؛

بشرطيڪ اهو بہ تہ ڏنڊ جيڪي مٿي جاٽايل ڏنڊن جي ٻيڻ تي آهن، اهي تڏهن لڳايا ويندا جڏهن ڏوهہ سج لهڻ کانپوءِ ۽ سج اڀرڻ کان اڳ ڪيو ويو آهي يا جوابدار ساڳئي قسم جي ڏوهہ ۾ اڳوات سزايافتہ آهي.".

(ii) ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

"(3) جهنگ جي پيداوار جو سمورو ڪاٺ، وڻ جن جي سلسلي ۾ ڏوهہ ڪيو ويو آهي ڪنهن اوزار، گاڏي، ويگن يا ٻي ڪنهن گاڏي سان يا اهڙي ڏوهہ ڪرڻ ۾ جيڪا شئي استعمال ڪئي وئي آهي، اها ضبط ڪئي ويندي؛

(4) عدالت کي حاصل ڪيل ڏنڊ مان ڏوهہ جي معلومات ڏيندڙ ڪنهن شخص يا ڏوهاري کي گرفتار ڪرائڻ ۾ مدد ڪندڙ کي انعام جاري ڪرڻ جو اختيار هوندو؛

(5) حڪومت طرفان حددخلي يا تعمير هٽائڻ يا ڍاهڻ تي ڪيل خرچ، جيڪڏهن ڪا هجي جيڪا ڏوهہ ۾ شامل هجي، اهو خرچ الزام هيٺ آيل شخص کان ليند روينيو جي رهتن جي مد ۾ وصول ڪيو ويندو.".

1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعہ 42 جي ترميم
Amendment of

4. جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 42 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

| | |
|---|---|
| “بشرطيڪ ڪاٺ يا جهنگلي پيداوار سان لاڳاپيل قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو جنهن جو ملهه ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ آهي، ان سلسلي ۾ ڪو ڏوهه ڪري ٿو ته ان قيد جي سزا جو اهل هوندو، جيڪا چار سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ويهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي.”. | section 42 of Act XVI of 1927 |
| (b) ذيلي دفعه (1) کانپوءِ هيٺيون اضافو ڪيو ويندو: | |
| “(1_A) جهنگ جي پيداوار جو سمورو ڪاٺ، وڻ جن جي سلسلي ۾ ڏوهه ڪيو ويو آهي ڪنهن اوزار، گاڏي، ويگن يا ٻي ڪنهن گاڏي سان يا اهڙي ڏوهه ڪرڻ ۾ جيڪا شئي استعمال ڪئي وئي آهي، اها ضبط ڪئي ويندي.”. | |
| 5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 63 ۾ شق (c) هيٺان پيرا لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: | 1927 جي ايڪٽ XVI جي دفعه 63 جي ترميم Amendment of section 63 of Act XVI of 1927 |
| “قيد جي سزا لائق هوندو جنهن جو مدو چار سالن کان وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ جيڪو ويهه هزار رپين کان وڌي سگهي ٿو پر قيد جو مدو ڇهه مهينن کان گهٽ نه هوندو ۽ ڏنڊ پنج هزار رپين کان گهٽ نه هوندو، ان سان گڏ جهنگ، جهنگلي پيداوار يا ڪاٺ کي پهچايل نقصان جي سلسلي ۾ اها رعايت ڏني ويندي جيڪا عدالت هدايت ڪري: | |
| بشرطيڪ اهو به ته ڏنڊ جيڪي مٿي ڄاڻايل ڏنڊن جي ٻيڻ تي آهن، اهي تڏهن لڳايا ويندا جڏهن ڏوهه سج لهڻ کانپوءِ ۽ سج اڀرڻ کان اڳ ڪيو ويو آهي يا جوابدار ساڳئي قسم جي ڏوهه ۾ اڳواٽ سزايافته آهي.”. | |

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**